# ياتُ النبيّ صلعم




١٧٨
١٧٨
١٧٩
١٨٠
١٨٠
١٨١
١٨١
ن جي قتل جي تياري ١٨٢
١٨٤
ک قر قرت الكدر ١٨٥
أحد ١٨٥



Marfat.com

منافقن جو لمولو ١٦٨
انصارن جي همدردي مهاجرن سان ١٦٩
امن عام جو عهدنامو ۽ مديني جي جدا جدا مذهب وارن
جو گڏجي حضرت رسول الله جي برڪت سان هڪ قوم
ٿيڻ ۽ سيڪنهن کي مذهبي آزادي ملڻ ١٦٩
حضور جن جو امن عام لاءِ ٻهراڙيءَ ۾ گشت ڪرڻ ١٧٢
قريشن جو مديني تي حملي ڪرڻ جو خيال ١٧٣
قريشن جي هڪڙي شرارت ١٧٣
حضور صلعم جن جي تقرير ١٧٣
قريشن جي ٻي شرارت ١٧٥
قريشن جي مسلمانن تي ٻهرين ڪاهه ١٧٤
ابوجهل جي شرارت ١٧٤
قريشن جو لشڪر ١٧٥
انصارن جي صداقت ١٧٥
مسلمانن کي اڃا جنگ جي اجازت نه هئي ١٧٦
اسلام ۽ رسول الله صلعم جي صداقت جو دليل ١٧٨
اعتراض ڪندڙن جي شبهي جو رد ١٧٨
مسلمانن تي قريشن جي ٻي ڪاهه يا بدر جي جنگ ١٧٩
اسلام جي دشمنن جي قتل جي پيشنگوئي ١٨٠
جنگ بدر ۾ مسلمانن جي عاليشان فتح ١٨٠
جنگ بدر ۾ معجزو ١٨١
قيدين سان مسلمانن جو سلوڪ ١٨١
قريشن جي ٽين شرارت ۽ حضور جن جي قتل جي تياري ١٨٢
عمير جو مسلمان ٿيڻ ١٨٤
قريشن جي ٽي مختصر ڪاهه يا جنگ قرقرت الڪدر ١٨٥
قريشن جي چوٿين ڪاهه يا جنگ اُحد ١٨٥

بيبي فاطمه زهرا رضه ۽ عائشه رضه جي همت جنگ جي ميدان ۾ ١٨٨

عورت جي دل ۾ پنهنجي مڙس جي عزت ۽ سچي محبت ١٨٨

حضرت مصعب شهيد جو جنازو ۽ اڻ پورو ڪفن ١٨٨

رسول الله جي چاچي حضرت حمزي جي شهادت ١٨٩

جنگ اُحد ۾ انس بن نضر جي همت ۽ جوش اسلامي ١٨٩

سعد بن ربيع جو شهيد ٿيڻ ۽ شهادت جي وقت رسول الله صلعم ڏي سندس سلام ۽ قوم ڏي آخرين پيغام ١٩٠

شهيدن جي يتيم اولاد سان حضرت ابوبڪر صديق رضه جي شفقت ١٩١

عماره بن زياد رضه جي شهادت ۽ رسول الله صلعم جي محبت جو نمونو ١٩١

اصحابن جي پهلواني، بهادري ۽ همت جو نمونو ١٩١

قبيلي بنو دينار جي هڪ عورت جي همت ۽ ايماني ڪماليت ١٩٢

حضور جن جي عام رحمت ۽ پاڇهه، ظالمن لاءِ هدايت جي دعا ١٩٢

ڪافرن جي چوڳين شرارت، اسلام جي ڏهن مشنرين (واعظن) جو مارجڻ ١٩٣

اصحابن جا اسلامي اخلاق ١٩۴

حضرت رسول الله جي سچي محبت انهيءَ ڪي چئجي ١٩٥

ڪافرن جي هڪ ٻي شرارت ۽ اسلام جي ستر مشنرين (سيڪاريندڙن) جو ڪسجڻ ٩٧

قريشن جي اره زورائي ۽ حديبه جو واقعو ٩٨

قريشن جي قاصد جي بي ادبي ۽ حضرت صلعم جن ۽ اصحابن جو تحمل ٩

بيت الرضوان ١

صلح جا شرط ٢١

صلح نامو حضرت عليءَ لکيو ٢٢

خيبر جي لڙائي ۽ مسلمانن جي فتح ٢٠٤
قريشن جي پنجين ڪاهه ۽ عهدشڪني ۽ آخر مڪي جي فتح ٢٠٦
حضرت جن جو مڪي ۾ پهچڻ ٢٠٧
پيشنگوئي پوري ٿي ٢٠٨
حضرت رسول الله جو عام رحم، پاڄهه ۽ ملڪي خيرخواهي
۽ عام امن جون لشڪر کي هدايتون ٢٠٨
ٽي سؤ سٺ بت ڪعبة الله ۾ ٢١٠
ظالمن سان نيڪي ٢١١
بيت الله جي ڪنجي حقدار کي ڏني ويئي ٢١٢
بيعت جا شرط ۽ اقرار ٢١٣
عورتن کان وڌيڪ اقرار ۽ شرط ٢١٣
عورتن کان بيعت وٺڻ جو رستو ٢١٤
حضرت پاڪ جن جي هٿ لائڻ سان فضالہ بن عمير جي دل
۾ ايمان جو نور پيدا ٿيڻ ٢١٤
مڪي وارن قريشن تي احسان ۽ وڌيڪ مهرباني ٢١٥
جنگ حنين ٢١٥
حضور صلعم جن جي لاثاني فياضي ٢١٨
دائي حليما جي ڌيءُ کي عزت ٢١٨
سچن مسلمانن جي سچائي ٢١٨
يهودين جون شرارتون ۽ عهدشڪنيون، مسلمانن سان
اگرايون ۽ آرهه زورايون ٢١٩
جنگ احزاب يا خندق واري لڙائي ٢٢٠
حضور جن عليه الصلوات والسلام کي قتل ڪرڻ جو منصوبو ٢٢٣
مسلمانن سان عيسائين جون جنگيون ٢٢٤
جنگ موته ٢٢٥
حضور صلعم جن کي جنگ جي احوالن بابت الهام ٢٢٦
تبوڪ جو سفر ۽ بنا جنگ فتح ٢٢٦

Marfat.com

كعب بن مالڪ جي سخت آزمائش ۽ سندس قصور جي معافي ٢٣١
دنيا جي بادشاهن ڏي اسلام ۾ داخل ٿيڻ بابت حضورجن جا خط ٢٣٧
روم جي بادشاه ڏي حضورجن جو خط ٢٣٩
روم جي وڏي پادريءَ جو مسلمان ٿيڻ ٢٤١
حبش جي بادشاه نجاشيءَ ڏي حضورجن جو خط ٢٤٢
مصر جي بادشاه ڏي حضورجن جو خط ٢٤٥
ايران (فارس) جي بادشاه ڏي حضورجن جو خط ٢٤٥
حضورجن جو معجزو ٢٤٧
يمن جي گورنر جو مسلمان ٿيڻ ٢٤٧
حضورجن جو ٻيو زبردست معجزو ٢٤٦
شاه بحرين جو مسلمان ٿيڻ ٢٤٩
عمان جي حاڪم ۽ سندس ڀاءُ جو مسلمان ٿيڻ ٢٥٠
سردار عبد ۽ عمرو بن عاص جي عجيب گفتگو ٢٥٠
دمشق جي حاڪم ڏي اسلام جي دعوت جو خط ٢٥٣
يمامه جي حاڪم ڏي حضورجن جو خط ٢٥٤
ٻين رياستن جي والين جو مسلمان ٿيڻ ٢٥٤
حضورجن جي خدمت ۾ ڪيترن ملڪن مان وفدن (جماعتن) جو اچڻ ٢٥٥
وفدن جا نالا ٢٥٥
وفد ثقيف جو حال ٢٥٦
وفد عبدالقيس ٢٥٧
اسلام جا چار مُسڪ امر ٢٥٨
خاص شراب بابت اسلام جا چار مُسڪ نهي (منع) ٢٥٨
وفد بني حنيفه ٢٥٩
وفد قبيله طي ٢٦٠

Marfat.com

| | |
|---|---|
| وفد اشعرين | ٢٦٠ |
| وفد ازد | ٢٦٠ |
| وفد بني الحارث | ٢٦١ |
| جنگ ۾ فتحمند ٿيڻ جو عجيب راز | ٢٦٢ |
| وفد دوس | ٢٦٢ |
| وفد همدان | ٢٦٣ |
| وفد طارق بن عبدالله | ٢٦٣ |
| وفد تجيب | ٢٦٥ |
| حديثن جو حضرت جن جي وقت ۾ ٿي لکجڻ | ٢٦٦ |
| پنهنجي مريد کي پاڪر يعني هديو يا تحفو ڏيڻ | ٢٦٧ |
| وفد بني سعد هذيم | ٢٦٨ |
| وفد بنو اسد | ٢٦٨ |
| مسلمان ٿيڻ ۾ الله جي مهرباني سمجهڻ گهرجي، نه ڪنهن تي تورو ڏڃي | ٢٦٩ |
| وفد بهراء | ٢٧٠ |
| حضور صلعم جن جو معجزو | ٢٧٠ |
| وفد عذره | ٢٧١ |
| وفد خولان | ٢٧١ |
| پيرن فقيرن جي ناني تي خيرات ڪرڻ الهيءَ خيال تي ته هو اسان کان خوش ٿي اسان جا ڪم ڪندا رهن ۽ ناراض ٿي نقصان نه پهچائين، ڪفر جهڙن رسمون آهن | ٢٧٢ |
| وفد محارب | ٢٧٣ |
| وفد صداء | ٢٧٤ |
| حضور جن جو معجزو | ٢٧٥ |
| وفد غسان | ٢٧٥ |
| وفد بني عيش | ٢٧٥ |
| بي سبب هجرت ڪرڻ ضروري نه آهي | ٢٧٦ |
| وفد غامد | ٢٧٦ |
| وفد بني فرازه | ٢٧٧ |

مون وٽ آيو ۽ ٻڌاياءِين تہ ”سنڌي ادبي بورڊ“ ارادو ڪيو آهي تہ هن سال ”حيات النبي“ ڇاپائي شايع ڪري. اها ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس، ۽ مون بورڊ کي فوراً انهيءَ جي اجازت ڏني. مون کي اميد آهي تہ هيءُ ڪتاب جڏهن ناظرين جي هٿ ۾ پهچندو تہ انهيءَ قسم جي لٽريچر جي ڪمي ۽ گهٽتائي، يا ناياب‌يءَ جي ڪري جا خلاء پيدا ٿيل آهي، سا ڪافي حد تائين پورو ڪندو.

آخر ۾ منهنجي گذارش آهي تہ پڙهندڙ منهنجي والد مرحوم جن جي حق ۾ دعاي مغفرت ڪرڻ فرمائين.

و آخر دعوانا ان الحمدالله رب العالمين.

٧٦، اسٽريچن روڊ
ڪراچي.
مورخ ٦- جنوري، ١٩٥٣ء

خاڪسار حڪيم محمد احسن
سابق ميئر- ڪراچي.

Marfat.com

مداري، پنهنجي حياتيءَ ۾ ٻي ٻيو دفعو ڇاپيل ۽ مسلمانن جي هٿن ۾ پهتل ڏسندس. تنهن کان سواءِ منهنجو هڪڙو ننڍڙو رسالو ٻالي ”دل ۾ ڪماءُ ڪندڙ مناجات“ به آهي، جو به ناياب ٿي ويو آهي ۽ مسلمان ان لاءِ به بيتابي ڏيکاري رهيا آهن؛ اميد ته اهو به جلد ڇپرائي وجهبو. انشاالله تعاليٰ. دل ۾ اهڙي اسلامي علمي خدمت جا گهڻا ئي خيال ۽ جذبا اٿم، پر افسوس جو صحت جي خراب ٿي وڃڻ ۽ ڪمن جي گهڻائيءَ ڪان مجبور آهيان. منهنجو عرض آهي ته منهنجا اسلامي پائر مون گنهگار ۽ نابڪار جي حق ۾ بس غائبانه دعا فرمائين ته الله تعاليٰ پنهنجي فضل و ڪرم سان مون کي صحت بخشي ۽ توفيق عطا فرمائي، تا ته آءٌ اهڙي اسلامي خدمت بجا آڻڻ واريءَ مراد ۾ ڪامياب ٿيان. آمين. و آخر دعوانا ان الحمدلله رب العالمين.

خاڪسار حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

مقيم ڪراچي سنڌ. ٢١- رجب المرجب، سنه ١٣٤٤ هجري، مطابق ٥- فيبروري، سنه ١٩٢٦ عيسوي.

27589

Marfat.com

دعا ڪن ته الله تعاليٰ دنيا ۾ شال منهنجي عاقبت موچاري ۽ اولاد صالح ڪري، ۽ آخرت ۾ بخشش ۽ مغفرت سان سرفراز فرمائي. (آمين!)
منهنجي به دعا آهي ته الله تعاليٰ شال منهنجن پائرن کي ايمان جي نعمت سان نوازي ۽ کين حضور جن عليه الصلوات والسلام جي تابعداري نصيب ڪري. آمين!

Marfat.com

۾ اچي، حضرت پاڪ جي حضور ۾ حاضر ٿي، ڪلمو پڙهي، پنهنجي قوم کي اسلام ڏانهن سڏڻ لڳو ۽ انهيءَ خدمت ۾ جان قربان ڪيائين. ساڳيءَ طرح سهيل بن عمرو رض، جو حديبيه جي عهدنامي وقت بت پرستن جي پاران عهدنامي جو ڪمشنر مقرر ٿيو هو، جنهن عهدنامي ۾ حضرت پاڪ جي صحيح تي اعتراض ورتو هو — يعني حضرت پاڪ صحيح ۾ لکايو هو "محمد رسول الله" تہ سهيل اعتراض ڪيو تہ "رسول الله" جو اکر ڪاٽي ڇڏيو، ڇو تہ اسين رسول ڪري مڃونس ٿي نٿا — ساڳئي سهيل رسول الله جي وفات بعد بيت الله ۾ بيهي بي اختيار اسلام جي سچائي تي وڏو ليڪچر (وعظ) ڪيو ۽ هزارن کي حيران ڪري وڌائين. اهڙيءَ طرح حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه، جو ترار جوهردار ڪڍي رسول الله عليه صلوات والسلام جي قتل لاءِ نڪتو هو، سو ٿي مرد خدا رسول الله صلعم جي وفات واري ڏينهن ترار هٿ ۾ ڪڍي محبت ۽ جوش ڀرئي آواز سان چوڻ لڳو تہ خبردار، جيڪو چوندو تہ رسول الله مري ويو تنهن کي آءٌ هن اگهاڙي ترار سان ماريندس. وحشي بن حرب جنهن امير حمزي رض کي شهيد ڪري، سندس جگر ڪڍي سند سند ڏار ڪري، جنازي کي سخت بي عزت ڪيو هو، ساڳيو اهو رسول الله صلعم جي بزرگ چاچي جو قاتل، اسلام قبول ڪري نيٺ مسيلم ڪذاب (جنهن نبيءَ هجڻ جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي هئي) جو قاتل ٿيو ۽ اسلام قبول ڪرڻ بعد رسول الله صلعم وٽ پين اسلام وارن جهڙو ليکجڻ ۾ آيو. ابوسفيان بن عبدالمطلب جو رسول الله جو سڳو سؤٽ هو، جو حضرت پاڪ جي خلاف ڇترن جا بيت ۽ شعر چئي ماڻهن ۾ مشهور ڪندو هو، ساڳيو سوئي توفيق ربانيءَ سان رسول الله صلعم جي حضور ۾ حاضر ٿي، مسلمان ٿيو ۽ حنين واريءَ جنگ ۾ هڪڙو ئي هڪڙو رسول الله جي رڪاب کي جهليو ڪنجڪي ٿيو بيٺو هو.

Marfat.com

(عليه الصلوات والسلام) رکيو. هڪڙيءَ حديث ۾ پاڻ فرمايو اٿن تہ "زمين تي منهنجو نالو محمد ۽ آسمان تي منهنجو نالو احمد آهي." اهڙيءَ طرح توريت ۾ سندن مبارڪ نالو محمد ۽ انجيل ۾ احمد ڪونيو ويو آهي. پاڻ پنهنجي پيءُ جا هڪڙا ئي پٽ هئا، يعني ڪو ٻيو ڀاءُ ڪونہ هون، مگر جهڙا هڪڙا ئي پٽ هئا اهڙا ئي پنهنجي پيءُ جا يتيم پٽ بہ هئا. سندن والد (پيءُ) سندن ڄمڻ ۽ دنيا ۾ اچڻ کان ٿورو وقت اڳيئي هن جهان مان لڏي کين يتيم ڪري، پنهنجي پيءُ يعني سندن ڏاڏي عبدالمطلب جي هٿن ۾ ڇڏي ويو.

پيارا پڙهندڙؤ! الله پاڪ جو ڪوبہ ڪم حڪمت کان خالي ڪينهي. حضرت پاڪ کي يتيم ڪيائين، انهيءَ ۾ وڏي حڪمت هيءَ آهي تہ جو پاڪ نبي ساريءَ دنيا جو سڌاريندڙ، محتاجن جو مددگار، غريبن جو غمخوار، هيڻن جو همراه، يتيمن جو يار ٿيندو، سو ڀلي تہ يتيميءَ ۽ ڇورڙائيءَ جو ذائقو بہ چکي ڇڏي، تہ پوري خبرداريءَ سان يتيمن، اباڻن ۽ ڇورڙن جي سنڀال لهي ۽ هنن جا ڏک ۽ درد ميٽي. اهو ئي سبب آهي، جو حضرت پاڪ هميشہ يتيمن ۽ ڇورڙن تي ٻاجھہ ۽ رحمت جا هٿ گهمائيندا هئا ۽ يتيمن کي تعظيم ڏيندا هئا. سچ تہ يتيمن جو قدر انهيءَ کي پوندو جنهن يتيميءَ جا ڏينهڙا ڏٺا هوندا ۽ تڪليفن ۾ گذاريندو هوندو. پاڻ جيئن يتيم هئا، تيئن ڪنهن استاد وٽان پڙهيل بہ ڪين هئا، ۽ جيئن يتيم ۽ اڻ پڙهيل هئا، تيئن وري غريب ۽ مسڪين بہ هئا. الله پاڪ قرآن شريف ۾ کين پنهنجن ڳڻن جون ڳالهيون ياد ڏياري فرمائي ٿو:

الم يجدک يتيما فاوي، و وجدک ضالا فهدي،
و وجدک عائلا فاغني، فاما اليتيم فلا تقهر،
و اما السائل فلا تنهر، و اما بنعمة ربک فحدث.

Marfat.com

جـي وفات کان پوءِ بہ حيات هئي. باقي ٻيا سڀ صاحبزادا ۽ صاحبزاديون سندن هوندي ئـي دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا هئا. پنجاهہ ورهيہ چمار تـائين حضرت سائينءَ جـي نڪاح ۾ فقط بيبي خديجہ صاحبہ رضہ هئي ۽ ڪابہ ٻي شادي ٽيستائين ڪانـہ ڪئي هئائون. جـڏهن بيبي صاحبہ جي عمر مبارڪ جو پيمانو اچـي ڀريو ۽ الله پاڪ سان وصال جو وقت ٿين، تڏهن نهايت نيڪيءَ ۽ عزت، پاڪائيءَ ۽ ايمان، خوشيءَ ۽ خدائي محبت سان دنيا مان لاڏاڻو فرمايائون. حضرت سائين، نہ انهيءَ ڪري تہ بيبي صاحبہ سندن بيبي هئي بلڪ انهيءَ ڪري تـہ صاحب حياءَ ۽ ايمان جـي، صاحبہ شرف ۽ شان جي، چڱن اخلاقـن واري، خدا پرست ۽ خدا ترس، پنهنجي گهر جي مالڪ جا حق پورا ڪندڙ، پنهنجي خالق جا فرض بجا آڻيندڙ بيبي هئي، گهڻو ڪري سندن ذڪر ۽ نيڪي ڪندا هئا، تہ دنيا جون عورتون سمجهن تـہ نيڪ عورتـن جي نيڪـي مـرڻ ۽ دنيا کي ڇـڏڻ کان پـوءِ بہ پئي هلي، ۽ هيئن بہ سمجهن تـہ پنهنجن مـڙسن ۽ پنهنجي خـدا سان چڱيءَ طـرح هلڻ گهرجي ۽ هميشہ سڌاري جهڙن ڪمن ۽ مـڙسن سان ٻـانهن ٻيلي ٿجي. هن شاديءَ ٿيڻ کان پـوءِ حضرت سائين سدائين سچو وقت آسمان ۽ زمين جـي پيدا ڪندڙ خدا جي عبادت ۾ گذاريندا هئا، ۽ خدا جي خلق جي خير خواهي ڪندا رهيا.

# ٻڪريون چارڻ

انهيءَ وچ ۾ نبين ۽ رسولن جي سنت (طريقي ۽ هلت مـوجب اهڙو اتفاق بـہ ٿيو، جو حضرت سائينءَ ٻڪريـن جـو ڌڻ چاريو ۽ سنڀاليو. الهامي ۽ خـدائي ڪتابـن ۾ پيغمبرن کي راعي يعني ڌڻدار (ڌنار) جو لقب ڏنو ويو آهي. ٻڪرين چارڻ جـو ڪم ٻين نبين بـہ ڪيو هو، جهڙوڪ حضرت موسيٰ عليہ

Marfat.com

عليه السلام وٽن آيو، ۽ هي پاڪ ڪلام الله جي درگاهه مان
آندائون، ۽ اچي حضرت سائينءَ کي پڙهايائين تہ:

اقراءَ باسم ربڪ الذي خلق، خلق الانسان
مــن علق، اقــراءَ و ربڪ الاڪرم الذي
علم بالقلم، علـم الانسان مــالــم يعلم.
[ پڙهه ( اي محمد عليه الصلوات والسلام )

پنهنجي پروردگار ( پالڻهار ) جي نالي سان،
جنهن (سڀ ڪجهه) اپايــو آهي، جنهن
انسان کي پاڻيءَ جي ڪيڙي مان پيدا
ڪيو. پڙهه! پڙهه!! تنهنجو پالڻهار گهڻي
ٻاجهه وارو آهي، جنهن قلم جي وسيلي
علم ڏنايو ، جنهن انسان کي سو سڀ
سيکاريو، جو ڪيس معلوم ئي نہ هو. ]

## نبوت جي بشارت

پر انهيءَ آيت شريف جي اچڻ کان اڳ حضرت جبرئيل عليه السلام فقط کين رسالت جي بشارت ۽ خبر ڏيڻ آيو هو. اها بشارت ٩ تاريخ مهيني ربيع الاول مطابق ١٢- فبروري سنہ ٦١٠ع جي سومر جي ڏينهن الله پاڪ جي درگاه مان حضرت سائينءَ کي ملي. انهيءَ وقت سندن عمر ٤١ ورهيه هئي، يعني چاليهه ورهيه پورا ٿيل هئا ۽ ايڪيتاليهن ۾ سندن پير هو. حضرت جبرئيل عليه السلام اچي چيو: ”اي محمدؐ! بشارت هجئي قبول فرماءِ: اوهين الله پاڪ جا رسول آهيو ، الله پاڪ اوهان کي اهو عهدو عطا ڪيو آهي، آءٌ جبرئيل خدا جو خاص ملائڪ آهيان، جو اهڙيون خبرون ۽ پيغام نبين وٽ کڻي ويندو آهيان.“ حضرت پاڪ، جو اهو غير معمولي آواز ۽ احوال ٻڌو ۽ ڏٺو،

Marfat.com

حڪم سڻايائون ۽ الله پاڪ جي هيڪڙائي بابت سمجهايائون.
سندن سچو سڏ سڻي سندن ڪن مائٽن ۽ دوستن "لبيڪ لبيڪ"
جا آواز بلند ڪيا. جڏهن ته گهر وارن سيني کي حضرت سائينءَ
جي سچائيءَ ۽ امانت جي پڪ هئي، تڏهن ڪين هن ڳالهه ۾ به
بي ڌڙڪ سچو سمجهي، بيبي صاحبه خديجة الڪبريٰ، ۽ حضرت
عليءَ ڏهن ورهين جي عمر ۾، ۽ حضرت ابوبڪر صديق ۽ زيد
بن حارث، انهن به انهيءَ ڏينهن ڪلمو پاڪ- لاإله إلاالله محمد
رسول‌الله- پڙهيو ۽ خدا جي هيڪڙائيءَ ۽ رسول ڪريم جي
سچائيءَ جي ساک پري.

گهر جا ماڻهو يا مٽ مائٽ اگرچه محبت ۽ قرب ۾ ٻين
کان وڌيڪ هوندا آهن، مگر مذهبي ڳالهه بابت سيڪو پڪو ۽
مضبوط هوندو آهي. يار دوست بيشڪ سچا هوندا آهن مگر مذهب
جي چڏڻ يا ڦيرائڻ ۾ شامل ڪڏهن ڪين ٿيندا آهن، جيسين
انهيءَ ڳالهه کي سچ نه سمجهندا آهن. هي آزمودو به سيڪنهن
کي هوندو ته مٽن مائٽن ۽ يارن دوستن کي جيڪڏهن ڪو ماڻهو
چوندو ته آءٌ اوهان سيني جو وڏو ٿيان يا آهيان يا مون کي
اوهين پريو مڙس يا وڏو ماڻهو، پيشوا يا اڳواڻ سمجهو، ته
ڪڏهن به ڪين مڃيندس، بلڪ اڪثر مخالف ٿي پوندا آهن؛
مگر جيڪڏهن سچ پچ هو لائق هوندو، ته ممڪن آهي جو
مڃيندس به ڪٿي. هاڻي انصاف سان خيال ڪري ڏسو ته حضرت
سائين چوي ته آءٌ رسول الله آهيان، الله پاڪ وٽان مون ڏي
پيغام اچي ٿو ۽ هن ذات پاڪ جو مون سان خاص تعلق ۽
لاڳاپو آهي، هو مون سان ڳالهائي ٿو ۽ مون کي هي هي حڪم
ڏئي ٿو ته آءٌ اوهان کي پڌايان بت‌پرستي (مورتي پوڄا)
اجايو ڪم آهي، خدا کي هڪڙو ڪري مڃو وغيره وغيره؛
اهي ڳالهيون اهڙيون نه آهن، جو ڪوبه انسان يڪدم مڃي
سگهي ۽ پنهنجي آبي ڏاڏي جي مذهب بت پرستيءَ کي فوراً

## زالن جو مسلمان ٿيڻ

مڙسن کان سواءِ زالون بہ ڪيتريون ئي بت پرستيءَ کان توبہ ڪري خدا پرستي قبول ڪرڻ لڳيون، نہ تہ زالون اڪثر گمراهيءَ جي خيال ۽ پراڻين رسمن ۽ رواجن کي ڪين ڇڏينديون آهن، مگر هن خدائي آواز تي ڪيترين زالن بہ ”لبيڪ لبيڪ“ چيو، ڪنڌ نايو ۽ سر جهڪايو ۽ پنهنجي اڳوڻن خيالن، رسمن ۽ رواجن کان پڇتايو. ٽن مـان بيبي خديجہ رضي الله عنها جـو ذڪر تہ مٿي پڙهيوَ. تنهن کـان سواءِ حضرت پاڪ جي چاچي بيبي ام الفضل، اسماءَ بنت عميس، اسماءَ بنت ابي بڪر ۽ فاطمه ڀيڻ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنهم جي- اهي نيڪ بيبيون بہ مسلمان ٿيون.

## اسلام جي دعوت اول ڳجهي پوءِ ظاهر ظهور

اگرچ ڳچ خدا جا بندا مسلمان ٿيا، مگر تنهن هوندي بہ اهي سڀ جبلن جي غارن ۾ لڪي لڪي نماز پڙهندا هئا، ڳجهيءَ طرح پنهنجي خـالق جـي عبادت ڪندا هئا؛ ۽ حضرت سائين بہ ٽن سالن تائين تہ ڳجهو پالهو ماڻهن کي سمجهائيندا هئا. وڏن ٽڏن، پٿرن پهڻن ۽ چنڊ سج جي پوڄا کان ماڻهن کي روڪيندا هئا، پر جڏهن ”يا ايها المدثر“ ۾ بہ حڪم ٿين تہ اُٿ ۽ اُٿـي ماڻهن کـي الاهي خوف کـان ڊيڄار“، ۽ هيءَ آيت بـہ نازل ٿي:

”فاصدع بما تؤمر“

[جيڪي توکي حڪم ڏجي ٿو اهو
صاف صاف ۽ پڌرو پڌاءِ]-

تڏهن پاڻ ظاهر ٿي اسلام جي تعليم پکڙڻ لڳا ۽

هڪبئي سان ڳالهيون ڪندا هئا تہ ههڙي جوهر جو انسان تہ نڪو ٿيو، نڪو ٿيندو، نڪو ڏٺو. پاڻ جڏهن گمراهن کي سمجهائيندا هئا ۽ هدايت تي اچڻ لاءِ وعظ ۽ نصيحت ڪندا هئا تہ سندن جسم مبارڪ جو اهڙو حال ٿيندو هو، جو چڻ ڪنهن وڏي غنيم ۽ مهم جي اچڻ کان ڊڄي ماڻهن کي خبردار ڪري رهيا آهن تہ اجها ٿي اها غنيم ۽ مهم اڄ صبح ۾ ڪڙڪي.

## سر وليم ميوئر انگريز ۽ ڊاڪٽر اي سپرنگر جي شاهدي حضرت جي صداقت بابت

ساڳيو اهڙيءَ طرح، جيئن هتي مون لکيو آهي تيئن مشهور انگريز سر وليم ميوئر بہ پنهنجي ڪتاب ”تاريخ محمديءَ“ ۾ لکيو آهي، ۽ ڊاڪٽر اي-سپرنگر پنهنجي ڪتاب ”سيرت محمدي“ جي صفحي ٢٩ ۾ لکيو آهي تہ ”حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم تيز فهم ۽ تمام وڏيءَ نظر وارا هئا. سندن عقل ۽ راءِ مضبوط ۽ عاليشان طبيعت هئي. اگرچ پاڻ شاعر جي ناليءَ کي پسند ڪين ڪندا هئا، مگر سندن ڪلام شاعرن کان بہ وڌيڪ عمدو ۽ لذيذ هوندو هو. قرآن پاڪ جي عبارت هڪبئي سان ملندڙ ۽ مضمون عالي درجي جو، حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جي فضيلتن جا شاهد آهن. سندن خيال ۾ هميشہ خدا جو تصور ۽ خيال هوندو هو. سج ايرندو يا مينهن وسندو يا سلا ڦٽندا يا وڻ چمندا ڏسي، الله پاڪ جي قدرت تان ٻلهار (قربان) ويندا هئا. وڄ جي گوڙ، پاڻيءَ جو آواز ۽ سريلين ٻولين ٻڌي، پنهنجي ڌڻيءَ جي آواز کي ياد ڪندا هئا. سنسان جهنگلن، رڻ پٽن ۽ پراڻن ويران ٿيل شهرن کي ڏسي، انهن کي خدائي قهر ۽ غضب جو نتيجو سمجهندا هئا“ هيءَ آهي هڪڙي انگريز تاريخ لکندڙ جي شاهدي.

Marfat.com

سمجهي گرفتار ڪرڻ جو خيال به ڪيو هو، ۽ سندس خاص حواري (مريد) به هميشه ساڻن بد اعتماد ۽ ضعيف الايمان رهندا هئا، جنهن بابت انجيل ۾ گهڻو ذڪر آهي. ۽ خود ڪيترن پڪن پختن عيسائين به انهيءَ ڳالهه کي مڃيو آهي.

## حضرت عيسيٰ جا حواري بد اعتماد رهندا هئا

جهڙيءَ طرح سر وليم ميوئر پنهنجي ڪتاب ' اردو تاريخ ڪليسا' ۾ لکيو آهي ته مسيح جي حوارين ۽ شاگردن سنديس تعليم جي حقيقت کي بلڪل نه سمجهيو هو ۽ انهن حوارين جو سست ايمان رڳو دنيائي نعمتن ۽ فائدن جي اميد ۾ لڳل هو، مسيح جي گرفتار ٿيندي، سڀ سندس حواري وغيره کيس ڇڏي، لڪي ڀڄي ويا، ۽ پطرس نالي سندس مريد عدالت ۾ پنهنجي خداوند مسيح کان ڦري ويو؛ وري مسيح جي سوريءَ تي چڙهڻ کان ته سڀ بلڪل مايوس ۽ نااميد ٿي پيا؛ اهڙيءَ طرح ٿامس ڪارلائل صاحب پنهنجي هڪ ليڪچر ۾ لکيو آهي ته "محمد صاحب جو هميشه اهو حوصلو ۽ خيال هوندو هو ته دنيا ۾ سچو ٿي گذارجي. جيڪي به کيس سڃاڻندا هئا، سي سڀ کيس چڱو سمجهندا هئا، اهوئي دليل سندس پل مانسائي لاءِ ڪافي آهي. اجا ڪراڙو ٿيو ٿي ڪين هو ته نفساني خواهش کي لتاڙي ڇڏيو هئائين؛ ۽ جيڪو سندس دنيا ۾ حصو هو، اهو هي هو ته ساري دنيا ۾ صلح ۽ سانت هجي؛ جيڪو اهڙي رسول کي نفساني خواهش تي هلندڙ وغيره ڄاڻندو ته آءٌ توبه توبه ڪري ڪڏهن به ڪين مڃيندس."

راڊ ويل صاحب، جنهن قرآن شريف جو ترجمو لکيو آهي، سو انهيءَ ترجمي جي ديباچي ۾ لکي ٿو ته "محمد صاحب جا سڀ ڪم هن نيڪ نيتيءَ تي ٻڌل هئا ته پنهنجي ملڪ جا جاهل ۽ بي سمجهه ماڻهو جهالت، ذلت ۽ بت پرستي جي دام

ڪونهي.“ انهيءَ وقت ڪافرن جو غلبو هو، ۽ هنن جو اهڙو ته زور هو، جو ڪنهن کي به طاقت نه هئي جو انهن جي برخلاف ڪجهه ڪڇي سگهي. ڪو ڪونه هوند اها هام ڀري ته اهڙن بيدينن کي سڏاري ۽ پنهنجو سڪيو جيءُ جنجال ۾ وجهي. جيڪڏهن حضرت سائينءَ جن به اهو خيال ڪن ها ته ڪڏهن به اهڙيون نه سهي جهڙيون تڪليفون ڪين ڏسن ها؛ مگر الله پاڪ جي حڪم جي آڏو ڪير آهي، جو ڪنڌ نه نائيندو ۽ سر نه جهڪائيندو؟ جڏهن حضرت سائينءَ ڏي سندن عزيزن کي سمجهائڻ ۽ خدائي عذاب کان ڊيڄارڻ جو حڪم آيو هو، جنهن جو ذڪر مٿي گذري آيو، ته ڪين اها ڳالهه ڏاڍي ڳري لڳي؛ انهيءَ ڪري پاڻ ڪجهه وقت تعميل ڪرڻ کان ترسي پيا، مگر وري الاهي حڪم آيو جنهن ۾ ڪين ڏوراپو بلڪ تنبيهه هئي. لاچار ڏاڍي جوش سان سمجهائڻ لڳا؛ جي نٿي سمجهيا ته وري وري به سمجهايائون ٿي ته خدائي حڪم جي پوري پوري بجا آوري ٿئي. پاڻ خود الله جي بي پرواهه ۽ لا آبالي سرڪار کان ڊڄندا هئا، ۽ جيڪي به خدائي حڪم انسانن لاءِ ايندا هئا، اول پاڻ کي انهن جي پوري ڪرڻ لاءِ ٻڌل ڄاڻندا هئا، ۽ هميشه خدا جو خوف سندن دل تي هوندو هو، ۽ جڏهن جڏهن خدائي حڪم پهچائڻ لاءِ حضرت جبرئيل وٽن ايندو هو ته پاڻ ڊڄي ويندا هئا ته الله شل خير جو ڪو حڪم نازل فرمائي ۽ پنهنجي رحم ۽ رحمت جو حڪم موڪلي- شل غضب ۽ قهر کان بچائي ۽ گهڻو ڪري جڏهن خدائي پيغام مٿن ايندو هو ته جيڪڏهن اٺ تي سوار هوندا هئا ته اٺ ٿي جهڪي ويندو هو، ۽ جيڪڏهن پيادا هوندا هئا ته پاڻ پگهرجي ويندا هئا ۽ لڱ ڪانڊارجي ويندا هئن ۽ هراسجي ويندا هئا، خاص خدا جي خوف کان. جڏهن ته پاڻ رحمت العالمين (ساريءَ دنيا لاءِ رحمت) ٿي دنيا ۾ آيا هئا، انهيءَ

کي چيائين تہ ”قسم خدا جو جيڪڏهن مون کي بادشاهي جي ڪمڪار کان فرصت هجي ها تہ آءٌ انهيءَ نبيءَ جو خادم ٿي هلي سندس خدمت ۾ گذاريان ها ۽ سندس هٿ پير ڌوئاريان ها ۽ سندس پيرن جي خاڪ پاڪ اکين ۾ پايان ها.“ ائين چئي مسلمانن کي خوشيءَ سان رهڻ جي اجازت ڏنائين.

## حبش جي ملڪ جو وڏو پادري بہ مسلمان ٿيو

حبش جو وڏو پادري طابور نالي ۽ سندس ٻيا ساٿي بہ مسلمانن سان بحث مباحثو ڪري نيٺ مسلمان ٿي پيا. فا لحمد لہ.

## قريشن جو ابوطالب وٽ حضرت کي روڪڻ لاءِ اچڻ

قريشن جا قاصد جڏهن حبش ڏانهن ٿاپا ڌڪا کائي موٽيا ۽ بدنيتيءَ جي مراد پوري نہ ٿين، تڏهن ڏاڍا شرمندا ۽ خوار ٿيا. مگر اڃا کان بہ وڌيڪ حضرت سائينءَ جا دشمن ٿي پيا، ۽ هي بہ جڏهن ڏٺائون تہ منجهائن حضرت حمزي رضہ ۽ حضرت عمر رضہ جهڙا بهادر ۽ بيباڪ بهادُر بہ مسلمان ٿي ويا آهن، ۽ اهڙي طرح ٻيا روزبروز مسلمان ٿيندا پيا وڃن، تہ ڏک بہ ڏاڍو ٿين ۽ چڙ بہ ڏاڍي آين. ويهي رٿيئون تہ ڪنهن بہ طرح هن شخص يعني حضرت محمد رسول الله (صلي الله عليه آله وسلم) جي بيخ ڪني ڪجي ۽ هن کي جيئرو نہ ڇڏجي. اها صلاح ڪري ابوطالب کي اچي چياؤن تہ ”ڪنهن بہ طرح پنهنجي ڀائٽي کي جهل، نہ تہ اسين کيس هلاڪ ڪنداسين.“ ابوطالب حضرت کي گهرائي سمجهايو، مگر حضرت سائينءَ پنهنجو ڀروسو ۽ تڪيو الله تي رکي، صاف جواب ڏنو، جنهن مٿي بہ مناسبت موجب لکي آيو آهيان. ابوطالب بہ حضرت جي همت ڏسي همت ڏيکاري. انهيءَ ڪري ڪجهہ وقت تہ ابوطالب جي حشمت جي

## وفد بني سعد هذيم

انهيءَ قبيلي جا ماڻهو ٻه رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪرڻ لاءِ آيا هئا. جنهن وقت مسجد نبويؐ ۾ رسيا، تنهن وقت حضور جن عليه الصلوات والسلام جنازي نماز ٿي پڙهائي، هو آيا ته ماٺ ڪري اچي ويٺا. حضور صلعم جن جڏهن واندا ٿيا، تڏهن پڇيائون ته "اوهين ڪير آهيو؟ مسلمان آهيو؟" هنن عرض ڪيو ته "هائو سائين!" پاڻ فرمايائون ته "اوهان ڪي گهربو هو ته جنازي نماز ۾ شامل ٿيو ها." هنن عرض ڪيو ته "سائين، اسان سمجهو هو ته جيسين حضور جن جي هٿ مبارڪ تي بيعت نه ڪبي، تيسين پورو مسلمان نه ٿبو ۽ تيسين مسلماني ڪم ۾ نه ڪبا." پاڻ فرمايائون ته "نه! انسان جڏهن اسلام قبول ڪري ٿو ته انهيءَ ٿي مهل مسلمان ٿي وڃي ٿو، پوءِ هن کي اسلام جا سڀ ڪم ڪرڻ گهرجن." انهي هڪڙو ڇوڪرو، جو پوٺتي سامان جي نظرداريءَ لاءِ ڇڏي آيا هئا، سو به حضور ۾ اچي نڪتو. وفد وارن عرض ڪيو ته "يا حضرت! هي ننڍڙو هو انهيءَ ڪري اسان جو خادم ٿي رهيو." پاڻ فرمايائون: "هائو "اصغرالقوم خادمهم" (ننڍيو وڏن جو خادم هوندو آهي)، خدا هن کي برڪت ڏئي." انهن لفظن جو اهڙو ته اثر ٿيو، جو ساڳيو ننڍيو جوان پنهنجي سڄي قوم جو بزرگ ۽ امام ۽ ساريءَ قوم ۾ قرآن ڪريم جو چڱو ڄاڻندڙ ۽ وڏيڪ سمجهندڙ ٿي پيو. اهو وفد جڏهن موٽي ملڪ ويو، تڏهن سارو قبيلو اسلام جي اثر هيٺ اچي ويو.

### وفد بنو اسد

انهيءَ وفد ۾ ڏهه ڄڻا هئا. حضور صلعم اصحابن جن سان گڏ مسجد شريف ۾ ويٺا هئا، ته هي آيا ۽ منجهائن هڪڙي چيو ته "يا رسول الله صلعم، اسين گواهي ٿا ڏيون

Marfat.com

## ...يات النبي صلعم




١٧٨

١٧٨

١٧٩

١٨٠

١٨٠

١٨١

١٨١

...جي قتل جي تياري ١٨٢

١٨٣

...قر قرت الكدر ١٨٥

...آحد ١٨٥


Marfat.com